# منتخب
# ديوان
# فاضل

مرتب :

ڊاڪٽر غلام علي الانا-

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منتخب

# ديوان فاضل


مرتب

ڊاڪٽر غلام علي الانا

بي-اي (آنرز)، ايم-اي (سنڌ)

ايم-اي (لنڊن)

پي ايچ-ڊي (سنڌ)



institute of sindhology

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي

دي يونيورسٽي آف سنڌ

ڄام شورو

سنڌ، پاڪستان.

1988ع



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجيءَ جي اشاعتي سلسلي جو ڪتاب نمبر 141
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

پهريون ايڊيشن : جولاءِ 1964ع
ٻيون ايڊيشن : نومبر 1988ع
ڪاپي رائيٽ : انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي
سڀ حق محفوظ

عبدالقادر جوڻيجي، ڊئريڪٽر انچارج، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي،
دي يونيورسٽي آف سنڌ، نيو ڪيمپس، ڄام شوري، ضلعي دادو،
سنڌ مان ڇپائي پڌرو ڪيو

سهڻي پرنٽرس، الهندي ڪڇي، حيدرآباد، سنڌ ۾ ڇپيو
پاران : ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
مُلهه: 12.00 رپيا

I S B N: 969 - 405 - 027 - 8

CHOOND DIWAN FAZAL
(A Selection from the Poetry of Fazal Shah)
Compiled by
DR. GHULAM ALI ALLANA

Published by
Institute of Sindholgy, The University of Sind, Jamshoro,
District Dadu, Sind, Pakistan.
First Edition: July 1964
Second Edition: November 1988
PRICE: Rs. 12.00

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ترتيب

صفحو


| | | |
|---|---|---|
| پبلشر طرفان (پيون ڇاپو) | ڊئريڪٽر انچارج | 4 |
| ٻه لفظ (پهريون ڇاپو) | ڊاڪٽر غلام علي الانا | 5 |
| فاضل شاهه جي حياتيءَ جو مختصر احوال | | 6 |
| ڪلام | | 6 |
| ڪلام جون خصوصيتون | | 13-7 |
| (1) صوفياڻو ڪلام | | |
| (2) ناصحاڻو ڪلام | | |
| (3) عاشقاڻو ڪلام | | |
| (4) مدحيه مضمون | | |
| (5) هجويه ڪلام | | |
| ڪلام جو وزن | | 19-13 |
| فاضل شاهه جي ڪلام ۾ صنعتون | | 24-19 |
| (1) استعارو | | |
| (2) ڪنايه | | |
| (3) مجاز مرسل | | |
| (4) تجنيس تام | | |
| (5) تجنيس قلب | | |
| (6) ايهام | | |
| (7) توشيح | | |
| (8) مرعات النظير | | |
| (9) لف و نشر | | |
| (10) سياقة الاعداد | | |
| (11) ترصيع | | |
| (12) عڪس و تبديل | | |
| غزلن جو انتخاب 1 کان 25 | | 50-25 |


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پبلشر طرفان

اسان جي پبليڪيشن جي رٿا جو هيءُ 'منتخب ديوان فاضل' 141 نمبر ڪتاب آهي جيڪو سنڌي ٻوليءَ جي محقق ۽ ماهر ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جو مرتب ڪيل آهي. هيءُ ڪتاب پهريون ڀيرو سنڌ يونيورسٽي پاران جولاءِ 1964ع ۾ ڇپائي شايع ڪيو ويو، جڏهن ڊاڪٽر صاحب سنڌي شعبي ۾ اُستاد جي حيثيت سان سنڌي طرح وابسته هو ۽ اُن وقت جي سنڌي ادب جي شاگردن جي ضرورت کي محسوس ڪندي، ترتيب ڏنو هئائين.

ڊاڪٽر صاحب پنهنجي مهاڳ ۾ فاضل شاهه جي غزلن جو فني تقاضائن جي روشنيءَ ۾ جائزو ورتو آهي ۽ موزون شاعريءَ ۾ سندس مقام متعين ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

اسان جي شاعرن جي ڪلام جو انتخاب عام طرح پڙهندڙن، ادب دوستن ۽ خاص ڪري شاگردن لاءِ ڪارائتو ثابت ٿيندو آهي. پر اهڙا ڪتاب هڪ ڀيرو ڇپجي مارڪيٽ ۾ جڏهن دستياب نه ٿيندا آهن ته شاگرد طبقو اُنهن مان استفادو نه ڪري سگهندو آهي. 'منتخب ديوان فاضل' هڪ عرصي کان مارڪيٽ ۾ دستياب نه هو. سنڌي ادب جي شاگردن جي ضرورت کي محسوس ڪندي، هيءُ ڪتاب ٻيهر ڇپائي پيش ڪرڻ ۾ خوشي محسوس ڪريون ٿا ۽ پڪ ڏياريون ٿا ته اسان پنهنجي ڪلاسيڪي توڙي جديد دور جي ابتدائي شاعرن جو ڪلام ڪتابي صورت ۾ پيش ڪندا رهنداسين.

— بورڊ انچارج

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پهريون لفظ

فاضل شاهه جي ديوان جو انتخاب بي-اي جي سنڌي نصاب لاءِ سنڌ يونيورسٽيءَ طرفان مقرر ڪيو ويو هو. ”بورڊ آف اسٽڊيز ان سنڌيءَ“ جي سفارش موجب اهڙو انتخاب سنڌي شعبي جي صدر ڪي ڏي ڪرڻو هو ڇاڪاڻ ته فاضل شاهه جي ڪلام جو انتخاب بزار ۾ اڳي موجود ڪونه هو.

سنڌي شعبي جي صدر محترم علي نواز جتوئيءَ جي ولايت ڏي اسهڻ ڪري، ۽ شعبي جي انچارج هئڻ جي حيثيت ۾ ”منتخب ديوان فاضل“ جي ذميداري مون تي آئي. مون پنهنجو فرض سمجهي انهيءَ ڪم ۾ هٿ ڳنڍيو ۽ پنهنجي چاڻ آهر هرڪا ڪوشش ڪري فاضل شاهه جي ڇپيل ديوان مان غزل چونڊي هيءُ انتخاب تيار ڪيم.

فاضل شاهه جي ڪلام جي مضمون، خوبين ۽ خصوصيتن تي بحث ڪرڻ وقت منهنجي سامهون خانبهادر محمد صديق ميمڻ جو ڪتاب ”سنڌ جي ادبي تاريخ ڀاڱو پهريون“ ۽ محترم محمد صديق مسافر جو ڪتاب ”ديوان فاضل“ هئا. تنقيد واري حصي ۾ انهن ٻنهي ڪتابن تان به مدد ورتي اٿم ۽ ان ۾ ڪجهه قدر پنهنجي طرفان به اضافو ڪيو اٿم. زياده اهم ڳالهه هيءَ آهي ته ڪلام جي باري ۾ لکڻ وقت بي-اي جي نصاب جو گهڻو خيال رکيو ويو آهي ڇاڪاڻ ته هيءُ ڪتاب محض بي-اي جي شاگردن لاءِ ئي لکيو ويو آهي. اميد آهي ته شاگردن کي هيءُ ڪتاب گهڻي مدد ڪندو.

بنده

**خواجه غلام علي الانا**

انچارج شعبه سنڌي

سنڌ يونيورسٽي

سنڌ يونيورسٽي

حيدرآباد

6-2-1964ع

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## حياتيءَ جو مختصر احوال

سنڌ جو هيءُ بي نظير شاعر، 1836ع ۾ حيدرآباد ۾ ڄائو هو. سندس والد جو نالو حيدر شاهه هو، جو پڻ هڪ چڱو شاعر ٿي گذريو آهي. ننڍي هوندي کان وٺي ذهين ۽ تيز فهم هوندو هو. قرآن پاڪ جي تعليم کان پوءِ عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم ورتائين. علم منطق ۽ عربي زبان ۾ مهارت حاصل ڪرڻ کان پوءِ، مطالعي ۾ اضافي آڻڻ لاءِ، عربي ۽ فارسي زبانن جا ڪتاب پنهنجي روءِ سوءِ پيو پڙهندو هو.

فاضل شاهه جڏهن مڪتبن ۽ مدرسن جي محدود گهيري مان نڪري دنيا جي لاحد مڪتب ۾ قدم رکيو تڏهن اول ته کيس پيٽ گذر جي لاءِ گهولا ڪرڻي پيئي. جدا جدا مضمونن جي ڪتابن مطالع ڪرڻ، علمي مرڪزن ۽ مجلسن ۾ حصو وٺڻ، تقريرون ڪرڻ، پنهنجي همعصرن سان تحريري مقابلو ڪرڻ ۽ اوائلي شعر ڏاهڻ سندس شروعاتي مشغوليون هيون.

## ڪلام

فاضل شاهه پنهنجي دور جو چڱو شاعر هو. سندس پنهنجي ڪلام ۾ ڪٿي عالمانه وعظ ۽ خدا پرستيءَ لاءِ تاڪيد، ڪٿي علم ۽ اخلاق لاءِ نصيحت، ڪٿي صوفيانيون صلاحون ۽ حقيقي اسرارن جو ذڪر، ڪٿي مجازي مهميز جون خبرون، ڪٿي ساراهه ۽ صفت ته وري ڪٿي شڪوه ۽ شڪايتن جو مواد ملي ٿو.

هن جي زماني ۾، حيدرآباد توڙي سڄيءَ سنڌ ۾ فارسي ۽ سنڌي ڪلام چوندڙ گهڻا ئي شاعر موجود هئا. انهن ۾ آخوند قاسم ۽ غلام محمد شاه 'گدا' جا نالا قابل ذڪر آهن. آخوند قاسم سندس گهرو دوست هو. هن زماني جا شاعر سنڌي مصرعن ۾ عربي يا فارسي مصرعون شامل ڪرڻ فخر سمجهندا هئا، انهيءَ ڪري 'ديوان فاضل' ۾ عربي ۽ فارسي ٽڪون، لفظ ۽ محاورا گهڻي قدر ڪم آندل آهن؛ تنهن هوندي به منجهس

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نج سنڌي لفظن، اصطلاحن، پهاڪن ۽ محاورن جي ڪمي ڪانهي.

ان زماني ۾ تعليم ڪاتي طرفان 'سنڌ' اخبار ڪراچيءَ ۾ ڇپبي هئي تنهن ۾ فاضل شاهه ۽ سندس همعصرن جا سنڌي ڪلام ڇپيا هئا، جن ۾ هڪ ٻئي کي چڱا سوال ۽ جواب ڪندا هئا.

## ڪلام جون خصوصيتون

شاهه صاحب جو ڪلام اڪيچار خوبين سان ڀريل آهي. علم هئيت علم طب ۽ ڪيميا جي ثابتيءَ لاءِ تشبيهون ڏيئي پنهنجي ڄاڻ جو ثبوت ڏنو اٿس. سنڌي موزون ڪلام ۾ 'تاريخگوئي' ۽ 'ماده تاريخ' جو موجد شاهه صاحب ئي هو.

فاضل شاهه هڪ متشرع صوفي ۽ روشن ضمير شاعر هو. سندس ڪلام ۾ ايراني طرز وارو مضمون يعني خط و خال، زلف و ڪاڪل، نرگس و سنبل، گل و بلبل ۽ ساقي و جام بلڪل اڻ لکو آهي. سندس ڪلام سندس حال موافق آهي. البت ڪٿي ڪٿي اوائلي زماني واريون مجازي عشق جون آهون به نظر اچن ٿيون.

مضمون جي لحاظ کان فاضل شاهه جو ڪلام هيٺين موضوعن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: (1) صوفيانو مضمون، (2) ناصحانو ۽ اخلاقي مضمون، (3) عاشقانو مضمون، (4) مدحيه مضمون، (5) هجويه مضمون ۽ (6) مزاحيه مضمون. هر هڪ مضمون جا مثال سندس ڪلام مان چونڊي هت ڏجن ٿا.

## (1) صوفيانو ڪلام

مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي ته شاهه صاحب هڪ متشرع صوفي هو. سندس ڪلام ۾ صوفيائيون صلاحون ۽ حقيقي اسرارن جو ذڪر آهي. روحاني عمل ۽ روحاني عبادت لاءِ سندس ڪلام ۾ جاءِ بجاءِ تلقين ڪيل آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مثلاً :

(الف) توحيد -

بي مثل بي چون بيشڪ چوءُ الله جي آهي ذات،
سڀ سدا سالم صفا بي عيب صاحب جي صفات.

---

وٽج وحدت سندو وچي وٽ وٽ،
هيڪڙائيءَ پلوءُ هلي وجهه هٽ.

---

نہ ثاني ڪو سندن منجهہ ذات صفتن،
پرن جو پار پاڪيزو ڪنان پٽ.

(ب) فڪر -

فڪر ۾ رهہ فـنـا فـدا فاضل،
موت جو ڏس سدا گڙي تو گهنڊ.

(ث) دنيا سان بي تعلقي -

رکن ڪين زاهد ذرو زر سندو،
نہ تولو نہ ماسو نہ دمڙي نہ دانگ.

(د) نفس کي مارڻ -

'ڪين' جي ڪاتي ڪٺي جن قلب جو 'ڪينو' ڪنو،
'پاڻ' جـو پهرو پچائي، تـن ڪيو ڪـامـل ڪباب.

(ر) نفي ۽ اثبات -

صفتن منجهان سراسر سڀ ذات تو ڏسان آن،
'لا' مان لنگهي الاهي اثبات تو ڏسان آن.

(س) مرڻان اڳي مرڻ -

ٿي 'فنا في الله' فاضل لنگهہ 'بقا با الله' ڏانهن،
امر 'موتوا' جو مڃي ڏي هن جيئڻ کي تون جواب.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ش) پنهنجو پاڻ سڃاڻ-

'و في انفس' ڪيائين ورد وه وه،
جڏهن 'معڪم' ٻڌايس تو پلي بات.

## (2) ناصحانو ڪلام

فاضل ساهه پنهنجي ڪلام ۾ هنڌ هنڌ اخلاقي نصيحتون ڪندو ويو آهي. سندس ڪلام ۾ عالمانہ وعظ، خدا پرستيءَ لاءِ تاڪيد، علم ۽ اخلاق لاءِ تلقين، ۽ اهڙا ٻيا اخلاق آموز سبق ۽ نصيحتون گهڻي قدر نظر اچن ٿيون.

مثال طور:

(الف) فرض-

فرض واجب يار جي مون تي مدح،
مستحب منثار جي مون تي مدح.

(ب) شرڪ کان پري رهه-

محبت محض موليٰ جي ميان رک مرد متوالا،
م تيءَ مشرڪ، موحد رهه، پري هڻ، شرڪ کي پالا.

(ت) سچ ۽ بي ريائي-

ڪڍي ڇڏ ڪوڙ ڪوري قلب مان تون،
رباني راست گوئي رگ ۾ رچ.

(د) مڪر کان پرهيز ڪر-

فرض فاضل ڪر فقيريءَ سان،
مڪر جا قانون ڪر مسمار مچ.

(ر) نفس جي دام ۾ نہ ڦاس-

پلي نفس پرڻي ڪنان پاڪ ٿي،
رهيو مرد محصن مجرد جريد.

---

نفس امارو، مقيد ڪر متان محڪوم ٿين،
مرد رهه شيطان جي شهه مڙس ڪر مقتول مات.

(س) خدا جو خوف رک۔

خوف رک خالص خدا جو، روح ۾ رڻ، روءِ، رنپ
آسرو اميد جو ڏي هانوَ کي ڏون ڏوپ ڏنپ

---

خدا جو خوف جن سرجال آيو،
نہ نخرا ڏن سجهن هرگز نہ ڏاٽ.

(ش) خاموش رهہ

ڪچڻ ۾ ڪڙائي مٺي آهہ ماٺ،
سراپا سچيائي مٺي آهہ ماٺ.

---

چوان ڏو چٺائي چڱي آهہ چپ،
ڏڪلم ڏڙائي چڱي آهہ چپ.

(3) عاشقاڻو ڪلام۔

فاضل شاهہ جي اوائلي مجازي عشق جو ميدان نائين جي پڙ جي نزديڪ مائي ابوڙي چاڪيائيءَ جو ڪارخانو هو، جتي فاضل شاهہ جي ڪٽ پيئي هوندي هئي. پر هن درويش، مجازي عشق مان حقيقي عشق جو سبق پرايو، ۽ حقيقي عشق ڏي لاڙو رکيائين. پاڻ پنهنجي ڪلام ۾ چيو اٿس:

ڪرڻ عشق آهي مجازي عبث،
حقيقي سوا عشقبازي عبث.

انهيءَ هوندي بہ سندس ڪيترو ئي ڪلام ملي ٿو جنهن ۾ مجازي عشق جي اُپٽار ڪيل آهي:

مثلاً:

محبوب جا چپ۔

چپن جي چاش چوري، مفت من مجنون ڪيو منهنجو.

فاضل شاهہ جي عاشقاني ڪلام ۾ محبوب جي منهن، اکين، چپن، ڳلن، گفتار ۽ محبوب جي ناز و انداز جو احوال

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملي ٿو. عاشق جون آهون ۽ دانهون، دنيا جا طعنا ۽ تنڪا، ۽ يار جي بي رخيءَ جو داستان به بيان ڪيل آهي. مثال طور:

(الف) فراق جي پڪار-

ورڻ جي ڪر وري وائي، مٺا محبوب موچارا،
سڪي ساري سدا سائل، سوين سن سال سونهارا.

---

اوهان جي عشق ۾ عاشق ٿيا عاجز اچي اولون،
وري وارث وسيلا تون، وسارج ڪيم و يچارا.

---

جدائيءَ جي جلڻ جاني، رئاري روز شب رڻ ۾،
نماڻيءَ جي منجهان نيڻن وسايا نينهن نيسارا.

(ب) وصل لاءِ واجهائڻ-

وصل تنهنجي لئي وڌم دلدار واجهه،
محب لئي منهن جي ڏسڻ دلدار واجهه،
پڌ ڏهاري پيچرا رستا ۽ رند،
ٿي وڏا واٽن مٿي مون يار واجهه.

(ٿ) اُداس اکيون-

پرت جي پاران اکين کي آهه آڄ،
منجهه ڏسڻ ان جي اچي سپ راهه رڄ.

---

(ڏ) يار جو چهرو-

يار چهرو سندء چوان ٿو چنڊ،
نازنينن سندو مجرب منڊ.

(ر) يار جون اکيون-

اکيون عجائب آن سنديون، ڪر نور جون نوري نديون،
سرمي سوا سينگاريون، ڪجليون ڪٽوريون ڪاريون.

جلوي ڪيو جوهر جهڪو، ثاني سنڌ نازڪ نہ ڪو،
زر زيب زيور زينتي، ڪڙيون ڪنگڻ ڪئين قيمتي.

---

حيران حورون حسن جي تو قيد ۾ قابو ڪيون،
جاني جڻين جنسار سان، يا سونهن جي سامان سان.

---

سينگار جو سڌ سي سٺي، پريون اچي پيرين پيون،
رسيون ڪري رفتار سان، چنچل چگي چالان سان.

(ش) يار جي گفتگو.

دلڙيون ڏتاري ساز سان تو نازنين نازڪ نيون،
گوهر فشان گفتار سان عمدي عجيب الحان سان.

---

شيرين شڪر ۽ شهد کان، ساجن سنڌ ذوق زبان،
گوهر گرامي گفتگو، مٺ مُور ساڻ ڪونہ ڪو.

## (4) مذهبي مضمون

فاضل شاهہ جي ڪلام ۾ حضرت جن جي صفت ۽ ساراهہ، اهل بيت اطهار ۽ اصحابن سڳورن جو ذڪر ۽ ٻين بزرگن جا بيان ملن ٿا. مثلاً:

(الف) حضرت جن جي ساراهہ.

ازين جو اجهو آهہ عالم امام،
محمد مڪي شہ مدار المهام.

(ب) اهل بيت اطهار جو ذڪر.

پلاري پلي بنت بضعت نبي،
انهيءَ سان اسان جو عجب اعتصام.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هنئين هار حضرت حسن ۽ حسين،
انهن جو رکي عز اعليٰ علام.

(ث) حضرت پير صاحب پاڳاري حذب الله شاهه جي واکاڻ-

نور جو نروار نوري نور نرمل بي نظير،
مصطفيٰ مرسل سندو شمس الضحيٰ بدرالمنير
سيد السادات سيد شاه حزب الله پير،
جوءِ ۾ جناب عدن جي ٿيو شه جاڳير.

## (5) هجويه ڪلام

فاضل شاهه پنهنجي ڪلام ۾ ڪنهن خاص ماڻهوءَ جو نالو وٺي ان جي گلا يا شڪايت (هجو) نه ڪئي آهي، البت اشارن ۽ ڪناين ۾ 'هجو' ڪئي اٿس. مثلاً:

شومتي شيطان شومي متقين سان مدعي،
دزد دعوا ٿو ڌري ۽ ٿو ڌڙي ديوث ڌڙ.

فاضل شاهه نه فقط روشن دل شاعر هو پر چڱو نثر نويس به هو. تنقيدي ادب ۾ سندس تصنيف 'ميزان الشعر' چڱو مقام رکي ٿي. ازانسواءِ 'چوند ڪافيون' نالي ڪتاب ۾ مشهور شاعرن جي ڪافين کان سواءِ انهن جا مختصر احوال به ڏنا اٿس. اهڙيءَ طرح نثر واري حصي ۾ سندس ٻيا ڪتاب هي آهن:

تفسير فاضليه، تفسير بسم الله، صفات باريتعاليٰ، معراج الحبيب، حقيقة الفدڪ، نفلي نمازن بحث.

## ڪلام جو وزن

ميمڻ محمد صديق جو رايو آهي ته "فاضل شاهه پنهنجي همعصرن ۾ 'علم عروض' بنسبت تمام چڱي ڄاڻ رکندڙ هو. سنڌ جي موزون ڪلام چوندڙ شاعرن ۾، فاضل شاهه پهريون ڄي شاعر هو جنهن 'علم عروض' جي بحرن جا وزن پنهنجي هر هڪ غزل جي سري تي لکي نروار ڪيا هئا." ديوان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فاضل جي اصلوڪي نسخي جي منڍ ۾ ’فاضل شاهه‘ جو تيار ڪيل ’ميزان الشعر‘ به شامل هو، جنهن ۾ جدا جدا بحرن جا وزن به ڏنل آهن ۽ هر هڪ بحر جا وزن ڏيئي تقطيع جا مثال به ڏيکاريل آهن، تنهنڪري وزن ۽ تقطيع جي لحاظ کان سندس ڪلام گهڻو پختو آهي. فاضل شاهه جا غزل هيٺين بحرن تي منظوم آهن:

(1) بحر رمل مثمن سالم، بحر رمل مثمن مقصور، بحر رمل مثمن محذوف، بحر رمل مثمن مڪفوف . بحر رمل مسدس سالم، بحر رمل مسدس محذوف، بحر رمل مسدس مقصور.

(2) بحر هزج مثمن سالم، بحر هزج مثمن محذوف، بحر هزج مثمن مقصور، بحر هزج مثمن مسبغ، بحر هزج مسدس سالم، بحر هزج مسدس محذوف، بحر هزج مسدس مقصور.

(3) بحر تقارب مثمن سالم

(4) بحر متقارب مثمن مقصور، بحر متقارب مثمن محذوف

(5) بحر رجز مثمن سالم

(6) بحر مضارع مثمن سالم، بحر مضارع مثمن اخرب مقصور

(7) بحر خفيف مسدس محذوف، بحر خفيف مسدس مقصور

هيٺ هر هڪ بحر تي منظوم ٿيل شعر جا ڪي مثال ٿا ڏجن:

بحر رمل مثمن سالم:- هن جو وزن آهي:

فاعلاتن، فاعلاتن، فاعلاتن، فاعلاتن

مثال :-

رمز وارن ساڻ راهي، ڪان ڪمينن قرب تون ڪيپ،
رڪ انهن سان ناهه ناهي، ڪان ڪمينن قرب تون ڪيپ.

بحر رمل مثمن مقصور:- هن بحر جو وزن هي آهي:

فاعلاتن، فاعلاتن، فاعلاتن، فاعلات

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مثال :

خوف رک خالص خدا جو روح ۾ رڙ روءُ رنڀ،
آسرو اميد جو ڏي هانو کي تون ٿوپ ٿنڀ.

بحر رمل مثمن محذوف :- هن بحر جو وزن آهي :

فاعلاتن، فاعلاتن، فاعلاتن فاعلن

مثال :

ساز سڄ ثابت سدا منجهہ آدمين آهي الپ
حب جي حقي هوا، منجهہ آدمين آهي الپ

بحر رمل مثمن مکفوف :- هن بحر جو وزن آهي :

فاعلات ، فاعلات ، فاعلات ، فاعلات.

مثال :

ناز ساڻ نازنينن جان جند جانباز،
قيد ٿو ڪرين قرب نور نال نين ناز.

بحر رمل مسدس سالم :- هن بحر جو وزن آهي :

فاعلاتن ، فاعلاتن ، فاعلاتن .

مثال :

عشق وارن وٽ وڃي عاشق پکو اڏ،
لڱون سندي لذت نہ جن کي تن کان لڏ.

بحر رمل مسدس محذوب :- هن بحر جو وزن آهي :

فاعلاتن ، فاعلاتن ، فاعلن.

مثال :

پرت جي پاران اکين کي آهہ آڄ،
منجهہ ڏسڻ ان جي اچي سڀ راهہ رڄ ،

بحر رمل مسدس مقصور :- هن بحر جو وزن آهي :

فاعلاتن ، فاعلاتن ، فاعلات

مثال :

وصل تنهنجي لئي ڏم دلدار واجهه،
محب لئي منهن جي ڏسڻ دلدار واجهه.

بحر هزج مثمن سالم :- هن بحر جو وزن آهي :

مفاعيلن، مفاعيلن، مفاعيلن، مفاعيلن

مثال :

ورڻ جي ڪري وري وائي، مٺا محبوب موچارا،
سڪ ساري سدا سائل، سوين سن سال سونهارا.

بحر هزج مثمن محذوف :- هن بحر جو وزن آهي :

مفاعيلن، مفاعيلن، مفاعيلن، فعولن.

مثال :

ڪَهيج قاصد قديمن تون قريبن کي سنيها،
هلي هيڪر حميمن تون حبيبن کي سنيها.

بحر هزج مثمن مقصور :- هن بحر جو وزن هيٺ ڏجي ٿو :

مفاعيلن، مفاعيلن، مفاعيلن، مفاعيل.

مثال :

اسيرن کي اچي ڏي تون اجها آذار ارباب،
رقيبن جي رلائي ڪيڏ، ڪلا سا لار سان تاب.

بحر هزج مثمن مسبغ :- هن بحر جو وزن آهي :-

مفاعيلن، مفاعيلن، مفاعيلن، مفاعيلان.

مثال :

مدامي مون سندي من ۾ مثل منثار جو اخلاص،
ڏريان ٿو دم بدم دل ۾ ڏٺل دلدار جو اخلاص.

بحر هزج مسدس سالم :- هن بحر جو وزن هيءُ آهي :

مفاعيلن، مفاعيلن، مفاعيلن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مثال :

وفائي سڀ، سچائي سڀ، صفائي سڀ،
اوهان انور جڙي جوهر پلائي سڀ.

بحر هزج مسدس محذوف :- هن بحر جو وزن هن ريت آهي:

مفاعيلن، مفاعيلن، فعولن

مثال :

کھچ قاصد قريبن کي سنيها،
هلي هيڪر حبيبن کي سنيها.

بحر هزج مسدس مقصور :- هن بحر جو وزن هيٺيون آهي :

مفاعيلن، مفاعيلن، مفاعيل.

مثال :

سدا سھڻي سيڻ کان تو سندي ذات
تڏهن تنهنجي مڃي مڙني بشر تات

بحر تقارب مثمن سالم :- هن بحر جو وزن هيٺيون آهي :

فعولن، فعولن، فعولن، فعولن.

مثال :

هنيو هوت هيڪر جگر جان ۾ جهٽ،
جدا ڪين جيڪر ٿيان مر مري مٽ.

بحر متقارب مثمن مقصور :- هن بحر جو وزن هيٺيون آهي :

فعولن، فعولن، فعولن، فعول.

مثال :

لڳي لئون تہ تيءُ لال، ڪُڇ ڪين مان،
سرڪ چاڙ مشتاق مسڪين مان.

بحر متقارب مثمن محذوف :- هن بحر جو وزن آهي :

فعولن، فعولن، فعولن، فعل.

مثال :

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪٿن تي ڪرڻ ڪارداري عبث،
اسيرن ڏيڻ انتظاري عبث

بحر رجز مثمن سالم: هن جو وزن آهي:

مستفعلن، مستفعلن، مستفعلن، مستفعلن.

مثال:

حيران حورون حسن جي تو قيد ۾ قابو ڪيون،
جاني جڻين جنسار سان، يا سونهن جي سامان سان.

بحر مضارع مثمن سالم: هن بحر جو وزن آهي:

مفعول فاعلاتن، مفعول فاعلاتن

مثال:

صفتن منجهان سراسر سڀ ذات تو ڏسان آن،
’لا‘ مان لنگهي الاهي، اثبات تو ڏسان آن.

بحر مضارع اخرب مقصور: هن بحر جو وزن آهي:

مفعول، فاعلات، مفاعيل فاعلات

مثال:

سان عالمن آمالڪ بي علم بي وقوف،
ڦريا ڇڏيا ڦٽائي فرمان فيلسوف.

بحر خفيف مسدس محذوف: هن جو وزن آهي:

فاعلاتن، مفاعلن، فعلن

مثال:

تون سڄڻ ساهه ۾ سمائين تو،
قلب ۾ قرب کي ڪمائين تو.

بحر خفيف مسدس مقصور: هن بحر جو وزن آهي:

فاعلاتن، مفاعلن، فعلات

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مثلاً :

منجهہ لطف طفل لائج مقلوب بعض صنعت

هت 'لطف' لفظ کم آڻڻ سان فاضل شاهہ جي مراد ميان 'لطف الله' شاعر آهي .

(3) مجاز مرسل : مجاز جي معنيٰ آهي ڪنهن لفظ کي سندس اصلوڪي معنيٰ کان ٽيڙڻ. جيڪڏهن ڪنهن لفظ کي تشبيه جي لحاظ کان سندس اصلوڪي معنيٰ کان ٽيڙبو تہ انهيءَ حالت ۾ علم بيان ۾ ان کي استعاره چئبو. پر جيڪڏهن تشبيه کان سواءِ ٻئي ڪنهن سبب ڪري لفظ کي اصلوڪي معنيٰ کان ٽيڙبو تہ ان کي 'مجاز مرسل' سڏبو.

مجاز مرسل کم آڻڻ وقت لفظ کي سندس اصلوڪي معنيٰ کان ٽيڙڻ لاءِ جيڪي رستا کم آڻبا آهن، تن مان هڪڙو رستو هيءُ بہ آهي تہ "لفظ اهڙو هجي جنهن جي اصلي معنيٰ هجي ڪوبہ "مڪان" پر منجهائنس معنيٰ ونجي مڪين (مڪان ۾ رهندڙ)." جيئن 'مون کي سارو ڳوٺ سڃاڻي.' هت 'ڳوٺ' اهڙو لفظ آهي جو اصل ۾ مڪان جي معنيٰ ڏيکاريندڙ آهي پر جملي ۾ 'ڳوٺ' معنيٰ 'ڳوٺ جا ماڻهو' اهڙي معنيٰ صنعت 'مجاز مرسل' ڏيکاري ٿي .

مثال :

معرڪي اهنجي اسان جي سوَ ڏنا آن ڏي سلام

هت 'معرڪو' (هم مجلس ماڻهو، يا واقفڪار ماڻهو) 'مجاز مرسل' طور کم آندل آهي .

(4) تجنيس تام : ٻہ هم جنس لفظ، جي صورتخطيءَ ۾ هوبهو هڪجهڙا هجن، پر معنيٰ ۾ مختلف هجن، انهيءَ عبارت واري صنعت کي 'تجنيس تام' چئبو.

مثال :

پارَ پـَرَ سان پرت جا پورا رکج،
پـَرَ پيارن کان نہ کر تون الوداع .

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن شعر ۾ ’پر‘ لفظ تجنيس تام جو مثال آهي: پهريون ’پَرَ‘ لفظ معنيٰ ڏاريون، ڪم آندو اٿس ۽ ٻيون ’پـر‘ حرف جملي طور استعمال ٿيل آهي.

(5) **تجنيس قلب:** ڪي ٻه اهڙا لفظ جي ساڳين حرفن مان ٺهيل هجن پر سندن ترتيب اُلٽ پلٽ ٿيل هجي: جيئن راڄ، ۽ ڄار، ڪام، ۽ ماڪ.

مثال -

ڪلام ڪامل قابل ڪمال اهنجو آهـ،
ڪمال ڪوئي، ڪري اي ڪلام تازه تر.

اهڙي عبارت جنهن ۾ لفظن ۾ ڪم آيل حرفن جي پوري ترتيب بدلجي، يعني هڪڙي لفظ ۾ حرف منڍ ۾ آهي سو ٻئي لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ وڃي بيهي، ۽ پڇاڙيءَ وارو حرف منڍ ۾ ٿي بيهي: اهڙي تجنيس کي ’مقلوب ڪل‘ چئبو آهي. پر جڏهن حرفن جي ساري ترتيب ابتي سبتي نه ٿئي پر ڪي ڪي حرف پنهنجون جايون بدلائين ته اهڙي تجنيس کي ’مقلوب بعض‘ چئبو. مٿئين شعر ۾ ’ڪلام‘، ’ڪامل‘ لفظن ۾ صنعت ’تجنيس مقلوب بعض‘ ڪم آيل آهي.

(6) **ايهام.** ايهام جي لفظي معنيٰ آهي وهم ۾ وجهي ڇڏڻ. جڏهن شعر ۾ اهڙو لفظ ڪم آڻجي جنهن جون ٻه معنائون نڪرن، هڪڙي ويجهي ٻي پراهين: پڙهندڙ جو خيال هڪدم ويجهي معنيٰ ڏي ڇڪجي وڃي، پر شاعر جي مراد پراهين معنيٰ هجي، اهڙي صنعت کي ’ايهام‘ چئبو آهي.

مثال:

پڄاءِ محڪم منصف پيام تازه و تر.

هن مصرع ۾ فاضل شاهه ’محڪم‘ لفظ ۾ صنعت ’ايهام‘ ڪم آندي آهي. ’محڪم‘ لفظ جي ويجهي معني آهي ’مضبوط‘، پر شاعر جي مراد پراهين معنيٰ آهي يعني محڪم (محڪم الدين شاعر).

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن شعر ۾ پهرين مصرع ۾ اول علم ۽ پوءِ اسلام جو نالو آندو ويو آهي. ٻيءَ مصرع ۾ پهرين علم سان تعلق رکندڙ حقيقت 'عشق استسلام' ۽ پوءِ اسلام سان تعلق رکندڙ حقيقت 'ايمان' بيان ڪئي ويئي آهي.

لف و نشر جي معنيٰ آهي 'ڍڪڻ ۽ کولڻ'. مٿئين شعر ۾ علم ۽ اسلام جا نالا پهرين آندا ويا آهن مگر انهن جون حقيقتون 'ڍڪيل' آهن ۽ پوءِ انهن جون حقيقتون کوليون ويئون آهن.

(10) **سياقة الاعداد:** ڪلام ۾ ڪي انگ ڪنهن وزنائتي ترڪيب سان ڪم آڻڻ ڪي 'صنعت صياقة الاعداد' (انگن ڪي قطار ۾ رکي ڏيکارڻ) چئبو آهي. جيڪڏهن انگ ترتيب وار رکيا ته اهڙي صنعت کي 'سياقة الاعداد مرتب' چئبو، پر جيڪڏهن انگ اڳ پوءِ ڪري رکيا ته اُن کي صنعت 'سياقة الاعداد غير مرتب' چئبو آهي. فاضل شاهه هيٺئين شعر ۾ صنعت 'سياقة الاعداد مرتب' ڪم آندي آهي:

**مثال:**

او اياڳو چوان اپر اصلئون،
جو رکي رمز دار ٻا، ٽي، چار.

(11) **ترصيع:** ترصيع لفظ جي معنيٰ آهي 'موتي پوئڻ'. نثر يا نظم ۾ اهڙا لفظ ڪم آڻڻ جي پاڻ ۾ هم وزن ۽ هم قافيه هجن، اهڙي ترتيب يا عبارت واري صنعت کي 'صنعت ترصيع' چئبو آهي.

**مثلاً:**

اچ عجيب، تن طبيب، ذر نجيب گهر غريب،
هل حبيب، لهه لبيب، ڪر قريب ڪارساز.

فاضل شاهه جي هن شعر ۾ عجيب، طبيب، نجيب، غريب، لبيب، قريب هم قافيه لفظ آهن. لفظن جي انهيءَ ترتيب کي 'صنعت ترصيع' چئبو آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**(12) عڪس و تبديل.** اهڙا ٻه مرڪب لفظ جن ۾ جزا ساڳيا هجن پر هڪڙي مرڪب لفظ جو پهريون جزو ٻئي مرڪب لفظ جو وري پويون جزو بڻجي ڪم اچي، اهڙي مرڪبات ڪم آڻڻ کي 'صنعت عڪس و تبديل' چئبو آهي. مثلاً:

ناز ساڻ نازنينن جان جند جانباز،
قيد ٿو ڪرين قريب نور نال نين ناز.

هن شعر ۾ 'نازنين' ۽ 'نين ناز' لفظ عڪس و تبديل صنعت جا مثال آهن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# غزلن جو انتخاب

## (1)

1- محبت محض موليٰ جي، ميان رک مرد متوالا،
مَ ٿي مشرڪ موحد رهه، پري هن شرڪ کي پالا.

2- سدا صحبت ڪمينن جي، ڪنان رهه تون جدا جيئري،
ڦهاڪو پـڙهه پروڙي هي، 'سڪن گڏ ٿا ٻرن آلا'.

3- حقيقت حق جي هٿ ڪر، ڪري بيڪار باطل کي،
ڇڏي حق کي وڃن هلندا، رلن منجهه روڳ ريزالا.

4- الله العالمين الله (1) آڳو ڏس اٿئي هڪڙو،
متان گمرهه گسين گس کان، نود نه (2) تون سٿي نالا.

5- مطيع الامر (3) مولا جو، رهج شب روز تون راسخ،
اچن عاصين سندي سر تي، سٺا سخت اوپالا.

6- فضيلت جا ملي فاضل عبادت ۾ آهي عابد،
مٿانڀهان مرتبا ملندن، بهشتي جاءِ ۾ بالا.

---

(1) سڀني جهانن جو ڌڻي
(2) نوانوي
(3) فرمانبردار

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ( 2 )

1- ورڻ جي ڪر وائي، مٺا محبوب موچارا،
سڪي ساري سدا سائل، سوين سن سال سونهارا.

2- اوهان جي عشق ۾ عاشق، ٿيا عاجز اچي اولون،
وري وارث وسيلا تون، وسارج ڪيم ويچارا.

3- جنهين جي جند جدائيءَ جي، وڌي جنجال جهوريءَ سي،
سچي صحبت اندر سالم، سدائين هون سويارا.

4- چين جي چاش چوري مفت، من مجنون ڪيو منهنجو،
وتي ڏيندو مٺي رند راهه ليلي لاءِ لامارا.

5- گهميو گهٽيون وٽي واتون، ڏسي ڏونگر رهي راهون،
تڪي تڪيا هلي هنڌ هنڌ، نهاري عام اوتارا.

6- جدائيءَ جي جلڻ جاني، رڻاري روز شب رڻ ۾،
نمائيءَ جي منجهان نيڻن، وسايا نينهن نيسارا.

7- ڪنسي قربان ڪوهيارا، ٿيو توتان فدا **فاضل**،
اپر اوندهه اولاڪن، ڪيا ورهن مٿس وارا.

## ( 3 )

1- منهن سنڌ مشعل منور، جيئن آيـن ۾ آفتاب،
بـل غلط ڪي مـون پـلا، ڇـا آفتاب و ماهتاب.

2- مشتري زهـره عطارد، زحـل زائـل ٿيو مريـخ،
نـور نـورانيءَ متان نرمـل، جڏهن کوليئي نقاب.

3- تـو بنا پـئي سان محبت، ٿـي ”خطيئة سيعئة“(1)
يـادگيريءَ ۾ يگانا، تـو سندي آهـي ثـواب.

4- منهن مقابل ڪر مٺا، محبوب تون مشتاق کي،
هوت هاڻي ڪيـ وڇان کنهن ويل واري ڇڏ حجاب.

5- وصل جو ڪو وارو ورنـد، ور وسيلا واءِ تون،
ڪين **فاضل** ڏو فـراقن ۾، جهلي هـي تيز تاب.

---

(1) خطية = خطا، سيعئة = ٻڇڙي، سخت

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ( 4 )

1- ستر جي پھري سٽڻ، **عارف** اُگھڙ جي ڏار ڏاٻ،
ڪڻ قناعت ڪڻ ڪريل تون، دل دکي ڪر دين داٻ.

2- منتظر مقصود جي، **ميلاپ** جو رهہ تون ميان،
جي ميسر منت ٿئي تان، تون ملج ان سان آپاٻ.

3- علم ڪي ڏي هنڌ هان ۾، نيڪ نوڙت ڪر نياز،
ڏوث ڪي گڏ سان ڏمر، چالاڪ چٽ ڪرڻ ساڻ چاٻ.

4- ڏس اٿيئي ابليس دشمن، پر سنڀالج پاڻ ڪي،
نات تنهنجي پوڪ ۾، ڪاڙو ڪندو ڪر ڪار ڪاٻ.

5- فضل ۾ ذوالفضل جي، **فاضل** رهج اميدوار،
لئي گنهگارن شفاعت، آهي عظميٰ چوٽ چاٻ.

( 5 )

1- ســاز سڄ ثابت سدا، منجهه آدمين آهي اليءِ،
حب جي حقي هوا، منجهه آدمين آهي اليءِ.

2- دردمندي دل خرابي، آهه اڪثر پر سڙو،
درد جو درمل دوا، منجهه آدمين آهي اليءِ.

3- قوت قُٽ قنڪار باجهون، حيف حسرت جي سوا،
جس جيءَ جيءَ جابجا، منجهه آدمين آهي اليءِ.

4- آدمين ۾ آدميت، ناهه هرگز بلڪ بس،
هوش همت ۽ حيا، منجهه آدمين آهي اليءِ.

5- لاءِ لذت لوڪ مان، **فاضل** ويا لاشڪ لڏي،
ڪوبه مائٽ، پٽ، سيا، منجهه آدمين آهي اليءِ.

## (6)

1- بي مثل بي چون بيشڪ، چوڻ الھ جي آھي ذات،
سڀ سدا سالم صفا، بي عيب صاحب جي صفات.

2- سچ چئج، سچ سان رھج، سڀ ساڻ وعدو ڪج سچو،
ڪوڙ ڪي ڪڍ قلب مان، ڪنھن ساڻ ڪوڙي ڪر نہ بات.

3- عزم ڪي اخلاص ڏج، نيت سچي سالم ڌري،
ٿي سچو صديق صادق، ڪوڙ وائي ڪج نہ وات،

4- ٻڌ قناعت جي ڪمر ڪر توڻ توڪل ڪي ٽڪيو،
ٽانگھہ رک توفيق جي طالب طلب ٿواب ٽات.

5- نفس امارو مقيد ڪر مٿان محڪوم ٿين،
مرد رھہ شيطان جي شهہ ڪر مقتول مات.

6- فرض **فاضل** آھہ طاعت ٿو اُتي الله جي،
ٻار ٻل ٻل سا سچائي دمبدم منجھہ ڏينھن رات.

## (7)

1- منجهه اندر ٽي آڳ آٽي، ٻهر نڪري ڪين ٻاڦ،
جوش ۾ جان ڦاٽي، ٻهر نڪري ڪين ٻاڦ.

2- درد ۾ دل دردمندن، جي جلي منجهه جوش جند،
چڙ وڏي چيري چراٽي، ٻهر نڪري ڪين ٻاڦ.

3- هانوَ هڏ چم سان اڱرا سڀ سجهايا مغز ماهه،
عشق جي آتش آساٽي، ٻهر نڪري ڪين ٻاڦ.

4- دمبدم غم ۽ الم جي، ساهه تي هر صبح شام،
باهه ٻڙڪن ڪي ٻساٽي، ٻهر نڪري ڪين ٻاڦ.

5- فڪر **فاضل** ساهه اندر، ٿا اُپامن آڳ گهاءِ،
ڏڙ ڏريائون قلب ڪاٽي، ٻهر نڪري ڪين ٻاڦ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(8)

1- اِت عـجـيـبـن جا سنيها آئيا اڄ،
هِت حـبـيـبـن جا سنيها آئيا اڄ.

2- حـبّ وارن قربـدارن عـاشـقـن ڏي،
ڪـي قـريـبـن جا سنيها آئيا اڄ.

3- برھہ جي بيمار ڏي ڪارڻ شفا جي،
تـن طبـيـبـن جـا سنيها آئيا اڄ.

4- دردمندن جي دلاسي ڪاڻ قربئون،
نـت نـجـيـبـن جا سنيها آئيا اڄ.

5- فڪر **فاضل** جا ٿيا في الحال فاني،
مـر مـجـيـبـن جا سنيها آئيا اڄ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## (9)

1- پـرت جي ٻاران اکين کي آهہ آڃ،
منجهہ ڏسڻ اُن جي اچي سپ راهہ رڃ.

3- دوست جـي ديدار ڌاران در بدر،
هنڌ حـُجرا ماڳ ماڙيون شهر سڃ.

2- جن ڏنـو جانب سندي جنسار کي،
تن سندي تن من کيا ۽ جان جڃ.

4- جي رهيا محبوب کان محروم تي،
منجهہ گلن اُن جي هزارين ڳاهہ ڳڃَ.

5- فرض **فاضل** کر فقيري فخر سان،
مکر جا قـانـون کر مسمار مڃ.

## (10)

1- لاڏ واري سنڌي لغار لذيذ،
ترت تهڏل تنوار تار لذيذ.

2- گل ٽيا گل گلاب منجهه گلزار،
بات بلبل اندر بهار لذيذ.

3- روح ۾ راز رمز وارن جي،
پرت جي پهم سنڌي پچار لذيذ.

4- دلڪشا دلپسند دلبر جي،
ناز نينن سنڌي نهار لذيذ.

5- فن **فاضل** سندا سپرين سڀ،
پهم پرڪار پرت پار لذيذ.

## (11)

1- ناز نازڪ نہ ڪر، نظر نہ نهار
مفت موهيو ڪرين، ڪهڻ جي ڪار،

2- تير تبرون ڪٽي تراريون تيز،
محض مشتاق محب مست م مار،

3- رمز راسخ رکي رقيبن سان،
عاشق کي عجيب آئن نازار(1)۔

4- قول ڪامل قريب قرب سندو،
ساڻ پت ۽ پريت پنهنجو پار،

5- فيض جا تون فقير **فاضل** کي،
ڏان ڏاتار ڏات ڏيج ڏيار،

---

(1) نازار = نہ آزار.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ( 12 )

1- برهه جي بات ڪان نہ ڪريان بس،
لئون جي لات ڪان نہ ڪريان بس.

2- گاهہ بيگاهہ دوست دلبر جي،
تهدلئون تات ڪان نہ ڪريان بس.

3- محتسب مار تہ بہ آءٌ،
يارَ جي ذات ڪان نہ ڪريان بس.

4- جي جدائي ڪرين جيارا تہ بہ،
ريجهہ جي رات ڪان نہ ڪريان بس.

5- منجهہ فراق سدا چوي **فاضل**،
هاء هيهات ڪان نہ ڪريان بس.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## (13)

1- سريو سر جنهين جي سندو ور سهاڳ،
سهاڳڻ آها ڏور تنهن ڪان ڏهاڳ.

2- پيو هوت جنجي هلي هنج ۾،
قوي تن سندو بخت بيدار ڀاڳ.

3- حسينن سوا سونهن گهرجي نڪي،
ڦٽي تيل سرمو ميسي ۽ مساڳ.

4- سندو ناز نيڻن چوان بي نظير،
چڱو چالدارن سندو چست چاڳ.

5- طلب جي سندي فيض **فاضل** رکين،
ته منجهه شوق رهه شير شب روز جاڳ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## (14)

ح 1- حسن هر هر هوت جي حورون کيون حيران ھٹي
سر بسر سينگار سان ۽

پرين جي پيرن پڻان پيمال ٿيون پريون پٹي ۽
جوت جي جهنسار سان ۽

الف 2- آهه احسن يار جو آواز عمدو سان اداءَ ۽
شهد کان شيرين تر ۽

ترت طوطي کان تمامي گوءِ ني گوهر کٹي ۽
گفتگو گفتار ساز ۽

ج 3- جوت جانب جي ڪيو جهنسار جوهر جو جهڪو ۽
مانڙ مرواريد (1) جو ۽

چٽ چٽجي پٽ تي پيو، چمڪو سٹي چوهٺون چٹي ۽
ديدبي ديدار سان ۽

ي 4- ياد يارانسي يگانسي يار جي آهي اپر ۽
روز شب رٽ روح ۾ ۽

گڏ گذارڻ جي گدا کي گهرج خاطر ۾ گهٹي ۽
دادلي دلدار سان ۽

---

(1) سچا موتي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ب 5– بخت تن بيدار بيشڪ هوت جنجي هنج ۾،
پاڪ پاڳارو پنهل،

سي وتن سرها سدائين، ڏار دولت جا ڏٺي،
وڏ وڏي واپار سان.

چ 6– چنگ چوري (1) چست چاهئون برهه جي بيمار کي،
صحت ڏي ساجن سڏيو،

واهه ويچاري وسيلي ويچ جي وائي وٺي،
تندرستي تار سان.

ل 7– لعل لب لاان لالا سندا لطافت لاڏلا،
سرخ ۽ سوڏا سنوان،

طالبن تن مان تلذذ (2) ترت نيو توڙان تٺي،
عشق جي آڌار سان.

8– حرف جي هر بيت جو پهريون پڙهين **فاضل** فقير،
طور تون تو شيخ جي،

هوت کان حاصل ڪرين تان قرب جي ڪامل ڪٺي،
نام جي نروار سان.

---

(1) عشق جا ڳالهيون.
(2) لذت، سواد.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## (15)

1ـ ڪرڻ عشق آهي مجازي عبث،
حقيقي سوا عشقبازي عبث.

2ـ مضارع (1) همه حال سان هوئجي،
ڪرڻ ياد مذڪور ماضي عبث.

3ـ ٽيڙ دشمن نزد دانه درست،
عدوّن اڳيان عجز آزي عبث.

4ـ مجاهد رهج نفس ناپاڪ سان،
غرض غير جي ساڻ غازي عبث.

5ـ هوا حرص جي تي هٺج حڪم تون،
سندو پُرفتن پاپ پازي عبث.

6ـ دلا دون (2) دنيا سندي حرص ۾،
ڪرڻ چاڻ جيءُ جان گدازي عبث.

7ـ شريفن وٽان وڃ پلي احتياج،
ڪمينن ڪنان ڪارسازي عبث.

8ـ فرض چاڻ **فاضل** نزارت (3) نياز،
بني بشر ڪي نياري عبث.

---

(1) شريڪ يا ڀائيوار.
(2) نيچ، خسيس.
(3) بي پرواهي، البيلائي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## (16)

1ـ يار کي دلدار کي منٺار کي پيغام ڏج،
سربسر ساڻي سنيها جي چوان سي سڀ چئج.

2ـ وَڙ سڄاڻج وير پنهنجو ڪج پلاڻي تون پلا،
لڄ لبوسيءَ جي چوڻ تي ڪيم ڪي لالن لڳج.

3ـ مهرباني تون ڪري منهنجي مداين ڏي م ڏس،
جيئن وٺي تيئن پاڻ تون بلڪل پلارا پال ڪج.

4ـ عاشقن جي واهه توکان ڏار ناهي ڪابہ ڪٿ،
ڏک ڏنگايون ڏوٿ ڏاها، سڀ سقيمن جا سهج.

5ـ فڪر **فاضل** شاهه جا ميٺي محبت سان مٺا،
مهر سان محبوب مشفق اڳ عاشق جي اچج.

## (17)

1- ٿي سپاهي سر اڳيان سردار آءٌ،
منهن مٿو منهدا مِٽي مختيار آءٌ.

2- پوءِ پائنج پير پٽ ۾ پرت جي،
عاجزي افگندگي (1) اڳوار آءٌ.

3- محو ٿي ميدان ۾ محبوب جي،
دين آڇي پوءِ دنيا ڏار آءٌ.

4- چو حبيبن کي تہ اي تن جا طبيب،
عاشقن کي ڪيم تون آزار آءٌ.

5- ڪيڪدورت (2) قلب مان ڪاوڙ ڇڏي،
يا وري يارن بہ ياري بار آءٌ.

6- جو ڦتائي فيض ۾ **فاضل** وجهي،
تنهن ڦٽي کي ڦٽ وجهي ڦنڪار آءٌ.

---

(1) بيحالي.
(2) ڪوٽ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## (18)

1- شال هوئين ياد ڪندڙ يار خوش،
دل پيارا دلبرا دلدار خوش.

2- قلب ڪن مشتاق هن مسڪين جو،
سربسر ساڃن سنڌ سينگار خوش.

3- تو ڪري ديدار دلبر تو سندو،
برھ بيچارا ڪيل بيمار خوش.

4- طالبن تهدل طمع تعجيل سان،
عشق جا عمدا ڪيا آزار خوش،

5- فيض سان فياض فاضل شاھ کي،
ڪر ڪرامت جا ڪڪر ڪلتار خوش.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## (19)

1- مدامي مون سندي مــن ۾ مثل منٺار جـو اخلاص،
ڏريان ڏـو دم بدم دل ۾ ڏنـل دلدار جـو اخلاص.

2- ڪدورت کي ڪيي ڪوري، ڪيان قلباً سچي سوري،
عـمـل ۾ آڻيان اوري، سچو سينگار جـو اخلاص.

3- نسوري نيڪ رک نيت، اٿئي منجهه خير خيريت،
هُدا (1) جـو حال حيثيت سدا سردار جو اخلاص.

4- سچو جو سگ سدا سرهو قريبن قرب ڏس ڪـرُهو،
اٿئي ڏـک تار جو ڏُرهو هئين جي هار جو اخلاص.

5- الهه جو عشق رک عاقل ڪُلي جزوي سچو قابل،
پڙهي پارج فرض **فاضل**، انـدر آڏار جـو اخلاص.

---

(1) سنئين واٽ، هدايت.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## (20)

1ـ دلبري ديدار کان دل دوستن جي باغ باغ،
دشمنن جي دل اندر ڏُهرو لڳو سو داغ داغ.

2ـ عشق عمدو ڏس عجيبن، جو آمالڪ ڏس ڏنو،
پرت مان مون پڙپيو ساجن سندو سولو سراغ.

3ـ مشڪ تاتاري ڪنان وڌ، بوء ساجن جي سڄو،
صحن ۾ ايندي ڪيو سالم سندم سرهو سراغ.

4ـ حسن وارن سان مٽ سٽ ڪين ٿيندا ڪي قبيح،
ڪئن ڪبوتر سان برابر ڪال ڪنچي زغن زاغ.

5ـ ذڪر سان ذاڪر رهي تون ياد ڪر الله کي،
ٿي فنا في الله **فاضل** ڪر ڪان فارغ فراغ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## (21)

1- تون سڄڻ ساهه ۾ سمائين ٿو،
قلب ۾ قرب کي ڪمائين ٿو.

2- محب محراب ۾ محبت جي،
زند ناڪار نيت نمائين ٿو.

3- دل اندر ديگ درد وارن جي،
دلبرا درد کي دمائين ٿو.

4- پرت پاڪر ڏئي پرين پهرين،
پوءِ اندوهه سان آزمائين ٿو.

5- 'نحن اقرب' (1) سندو نشانبر تون،
چاڻ مضبوط من ڇمائين ٿو.

6- فهم وارا فهيم لک فاضل،
گهوٽ هڪ گهور سان گهائين ٿو.

---

(1) اسين تمام ويجها آهيون.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## (22)

1- سال رهه سالم سدا سالڪ سلام،
ڪرمُ آدم ساڻ ڪو ڪهرو ڪلام.

2- حرص هورا دور ڪر ۽ مرد ره،
علم وارو اور عامل هو علام.

3- وسوسو وسواس دُر دل دور ڪر،
علم وارو مرد هو ماهر مدام.

4- حلم هرهڪ حال سڀ هردم حلال،
گار گوهر ۽ گلا گولا حرام.

5- مهملو مردود فاضل مار آهه،
حمل ڪر حمال سڀ اعلام عام.

## ( 23 )

1- خورشيد قمر سرطان اندر، خوشحال ٿيا سعدين ٻئي،
محبوب مملي مسرور ڪيا، ان ويڙ اڇي عينين ٻئي.

2- سينگار سچڙ سردار سندي اسرار عجب اظهار ڪيا،
حيران ٿيا هڪ وار ڏسي، سامان سيئي ثقلين ٻئي.

3- جنسار ڪيو ديڙ جوهر، منثار موهن مختار مٿي،
مفتون ٿيا دلدار سندا، ديدار ڏسي دارين ٻئي.

4- ظلمات وئي ارمان لٿا، نابود ٿيا گمراهي گس،
نروار ٿيا نيشان جڏهن، ايمان سندا نورين ٻئي.

5- **فاضل** ته سندا آثار اڃها، آهين اُلهه منجهه روز جزا،
سِبطين (1) نبي ابنين علي بضعين (2) ٻِلا حسنين ٻئي.

---

(1) ٻه ڏاهون.
(2) ٻئي جگر جا ٽڪر.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ( 24 )

1- ڏيـو دلـدار دلـداري جـدا جـاليان نئو جانـي،
پڙي ڪر پاڻ پوء واري، ٿئي جل هوت حيراني.

2- پرين پهر ۾ پئي جا دل، ڪپي ڪوري ڪئي جا دل.
نـزاڪت نـاز نـرواري، محـبت ميـٺ مستانـي.

3- مڪمل منجهه محبوبن، خلاصو خوش ڪنان خوبن،
اٿئي سينگار سـرداري، سنڌ ڪونهي سڄڻ ثانـي.

4- خلاصي خوش ڪلڻ جي ڪا، مٺا مشفق ملڻ جي ڪا،
هـلايو حـال هڪواري، نماڻـي ڏانهن نيشانـي.

5- فـدا **فاضل** ڪري شاهي، نهارين نت مٺو ماهي،
رکي هر حـال هوشياري، ڪري ڇـڏ ناس ناداني.

---

هن غزل جا ٻه فارسي شعر (نمبر 5 ۽ 6) ڪڍي ڇڏيا ويا آهن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ( 25 )

1- صفتن منجهان سراسر سڀ ذات تو ڏسان آن،
'لا' مان لنگهي الاهي اثبات تو ڏسان آن.

2- سچ جي صبوح کي ڏس، آيو زوال ظاهر،
ڪاراڻ ڪوڙ قابو، منجهه رات تو ڏسان آن.

3- نيڪي وڃي نباهي، ذروار نيڪ نامي،
بيجا بچي بلاشڪ، بد بات تو ڏسان آن.

4- خورشيد خوء خوبي، ثابت صفا سهائي،
اڄ ضد ان جو زشتي(1)، ظلمات تو ڏسان آن.

5- تائب ويا تاسف(2) توبهه ڪري تمامي،
طالب سندا تڪر تن تات تو ڏسان آن.

6- ساڻيو نه ساء صحبت، مجلس مزو محبت،
ڪينو ڪمال ڪلفت، ڪمذات تو ڏسان آن.

7- يارن رهي نه ياري، تي دور دينداري،
هر ڪنهن مڪان هائي، هيهات تو ڏسان آن.

8- **فاضل** اها فضيلت ڏسنديون ادا ڪٿي تون،
پيدا ڦٽي پڙهين جي پريات تو ڏسان آن.

---

(1) ڪوجهائي - خرابي.
(2) ڏک.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.

اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book